# لهجا، ٻولين جو اولاد




لهجو معنا، ڳالهائڻ جو ڍنگ، لفظن جي سرن کي مختلف اندازن سان اچارڻ وغيره. لهجو هڪ ئي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ زميني مفاصلن يا جاگرافيائي ورچن جي ڪري ڳالهائيندڙن جي انداز ۾ پاٽمرادو پيدا ٿيندڙ اچارن جي ويڇن کي سڏجي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي زميني پکيڙ گهڻي ٿيندي ته انهن جي ڳالهائڻ جا انداز به مختلف ٿيندا ويندا آهن. سولي نموني سان چئجي ته ڪنهن به ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ پري پري تائين موجود هجن ته انهن جي ڳالهائڻ جو ڍنگ جيڪو مختلف ٿئي ته ان ڳالهائڻ جي تبديل ٿيندڙ ڍنگ کي اصل ۾ لهجو سڏبو آهي.

لهجن جا بڻيادي طور تي ٻه وڏا قسم ٿين ٿا. هڪڙا وڏا لهجا ۽ ٻيا ننڍا لهجا. وڏا لهجا لڳ ڀڳ پورن جملن ۾ نون لفظن، ڍِڪن ۽ اچارن ۾ ئي فرق ڏيکاريندا آهن ۽ ننڍن لهجن ۾ بس ٿورو گهڻو ٻولن ۽ انهن ٻولن جي سرن جو فرق ٿيندو آهي. سڄي دنيا ۾ شاهوڪار ۽ وسيع ٻولين جو وڏي ۾ وڏو اهڃاڻ اهو به هوندو آهي ته ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ڪيترا لهجا موجود آهن. ٻولين جا وڏا پارکو لهجن کي ٻولين جا پٽَ ڪري سڏيندا آهن. يعني جيترا گهڻا پٽَ، اوتري اها ٻولي ڀاڳواري سڏبي آهي!

هڪ اهم ڳالهه جيڪا دوستن سان سلبي هلجي ته لهجن جي باري ۾ اڪثر اهو تاثر عام ملندو آهي ته فلاڻو لهجو "غلط لهجو" آهي يا فلاڻو لهجو "ٻلو لهجو" آهي. پر حقيقت ۾ ائين قطعي ناهي. ڪو به لهجو نه ته ٻلو ٿيندو آهي ۽ نه ئي وري خراب. ها اهو چئي سگهجي ٿو ته ڪو لهجو جلدي سمجهي سگهبو آهي ته ڪو وري سمجهڻ لاءِ ٿورو وقت گهرندو آهي،

پر ان ۾ خراب يا چڱي جو ڪو پئمانو نه ٿو رکي سگهجي. هر لهجو تمام وڏي اهميت رکندو آهي، انڪري ڪنهن به لهجي جي ساخت کي رد ڪرڻ ڪا ڀلي سوچ ناهي ٿيندي. ٻي ڳالهه، جيڪا عام تاثر ۾ ملندي آهي ته فلاڻو لهجو "معياري لهجو" آهي. سو هتي سڀ ڪو ائين سمجهندو آهي ته ان لهجي جي فضيلت يا عزت گهڻي ٿيڻ گهرجي، ته منهنجا دوستو! ائين به بلڪل ناهي.

اوهان جڏهن "معياري لهجي" جي ڳالهه ڪريو ٿا ته ان جو سنئون سڌو مطلب اهو آهي ته اهو تدريسي ماهر "گڏيل نصاب لاءِ معياري لهجو" ڪري چونڊيندا آهن ته جيئن مختلف پرڳڻن، علائقن ۽ لهجن وارا شاگرد اهو "وچٿرو لهجو" جيڪو سمجهڻ ۾ سولو ٿيندو آهي، ان ۾ پنهنجي تعليم يڪسان پڙهي، لکي ۽ سمجهي سگهن. جيڪو پوري دنيا ۾ ڪنهن به ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي وچولي علائقي جو ئي ٿيندو آهي، جيڪو فطري طور سڀني لهجي وارن ڳالهائيندڙن کي ملائيندو به آهي. معياري لهجي مان

نصابي مامرو ڪيڏي ڇڏجي ته هوند ڪوبه لهجو معياري نه ٿئي. اصل ۾ پوري دنيا جي تدريسي نظامن جي نصابي ڪتابن لاءِ هڪ لهجو برقرار رکڻو پوندو آهي، جنهن ۾ سڄو تعليمي ڪورس ڏنو وڃي ته جيئن سڀني شاگردن جي سمجهه هڪ ئي سطح تي هجي. ۽ ڳالهه بس اتي ئي ختم ٿي ويندي آهي.

هڪڙا دوست اهو به چوندا آهن جيئن نصابي لهجي جو هڪ معيار رکيو ويندو آهي، ائين وري ادب جو به معياري لهجو اهو ساڳيو هوندو! پر ائين به ناهي هوندو.

ادب انسان جي فني تخليق جو نالو آهي، جنهن ۾ هڪ ڪوي جڏهن ڪا تخليق ڪري ٿو، تڏهن سندس دماغ ۾ ان تخيل جي اظهار ڪرڻ مهل هو نيڪ اهي ئي ٻول ٻوليندو، جيڪي هن ماءُ جي جهوليءَ کان سکيا هوندا. هو پنهنجي تخليق ڪنهن ڌاريي لهجي يا ٻوليءَ ۾ ڪندو به ته ان جي تخيل سان انصاف ٿي نه سگهندو. هاڻي هتي ڪنهن به ٻئي لهجي ڳالهائڻ واري لهجي يا ٻوليءَ ماهر کي اهو حق نه ڏنو وڃي ته ان مٿان ڏنڊو کڻي بيهي ته خبردار، تون فلاڻي معياري لهجي ۾ شاعري ڪريا ڪهاڻيون لک! پر جي ائين ٿئي ته پڪ ڄاڻجو اها ان تخليق سان ڀيانڪ مسخري ٿيندي.

اوهان دنيا جي مارڪيٽن تي راڄ ڪندڙ انگريزي ٻوليءَ کي ئي ڏسو. ڪجهه سال اڳ سڄي دنيا ۾ ان جا نصابي طور تي به لهجا عام هوندا هئا، جيڪي برطانوي ۽ آمريڪي هئا! پر هاڻي ائين ناهي. هاڻي انگريزيءَ ٻوليءَ جا نصابي لهجا وڌي الائي گهڻا ٿي ويا آهن. هاڻي ته مغرب ۾ شاگردن کي به اها چونڊ ڏني وڃي ٿي ته اهي ڪهڙي لهجي ۾ پڙهڻ سولو سمجهندا. مثال آمريڪي، برطانوي، آسٽريلوي؟ وغيره. پر دوستو سڄي انگريزي ٻوليءَ ۾ هاڻي ته انهن جا لساني ماهر ڏيڍ سئو کان به مٿي لهجن جو انگ ٻڌائين ٿا ۽ مزي جي ڳالهه انهن سڀني لهجن جي ساڳي طرح مان مريادا آهي.

سو دوستو ڪوبه لهجو اخلاقي پئمانن ۾ ناهي توربو، لهجو بس لهجو ٿيندو آهي. نه ڀلو، نه خراب! چو ته انهن ئي لهجن ۾ راڄ ڪندڙ لوڪ ڏاهپ لڪل هوندي آهي.

هاڻي پاڻ جيڪڏهن پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي ڏسنداسين ته خبر پوي ٿي ته نصابي حساب سان ان ۾ چار لهجا آهن پر اسان کي ان جي ابتڙ انگ مليا آهن. پاڻ 2017 ع کان جڏهن سنڌ جي مختلف علائقن مان رڪارڊ ڪيل 11238 آوازن، جن ۾ جملا به آهن ته سڪا ٻول به، سي "ڪمپيوٽيشنل آوازي پروگرامن" ۾ ڳتي سگهيا آهيون، تڏهن "آوازي ٽيڪنالاجيءَ" جو پروگرام ٻڌائي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اسان وٽ ارڙهن لهجا موجود آهن! گوگل ۾ ڏکڻ ايشيا جي ائڊمن مس ماڌوريما پڻ حيرت ۾ اچي وڃي ٿي.

هن اهو پڇيو ته اوهان ته رڳو چار پئي ٻڌايا! ۽ واقعي به هي حيرت انگيز انگ آهي. ٽيو چا ته آوازي ٽيڪنالاجيءَ جو پروگرام اسان جي ٻوليءَ ۾ ننڍي کان ننڍو ڦيرو به جدا ڪري ان جي شناخت پڌري ڪري پيو. هتي مثال طور هڪ جملو کڻي ڏسون ٿا. انگريزيءَ

۾ شناخت پڇڻ مهل پڇن: "ڪهو آريو؟" هاڻي ان سوالي جملي کي اسان سنڌي ڪيئن ٻوليندا آهيون. هتي پاڻ ڪاري چاڻ ڪان شروع ڪريون ٿا:

تون ڪيرئين؟

تون ڪير هَئين؟

تنهين ڪير هِيو؟

تنهين ڪير آهيو؟

تهان ڪير آهيو؟

توهان ڪير آهيو؟

اوهان ڪير آهيو؟

تون ڪير ٿيندو پيو آهين؟

تون ڪير ٿيندو پيو هئين؟

تون ڪير اين؟ وغيره

هاڻي بلڪل ائين ئي وري خير عافيت وارا جملا بہ بي انتها مزيدار مليا. ڪاڇي ڪان اولاهين پاسين ڪوهستاني پٽيءَ ۾ جيڪا عجيب ڳالهہ مون محسوس ڪئي، اها ٻڌندي اوهان کي بہ ڏاڍي مزيدار لڳندي! اتي گهڻو ڪري برفت ۽ پالاري جيڪي مليا، انهن ۾ مان ڏٺو تہ انهن وٽ ڳالهائڻ وقت "آ" يا "آن" جا سر متجي "او" يا "ائو" ۾ اچاريا وجن ٿا. مثال طور هو "هائو" نہ پر "هَئو" چون. اتي "چا" کي "چو" ڪري اچاريو وڃي ٿو. ٻين علائقن ۾ عام طور تي اهو پڇيو ويندو آهي تہ "مانيءَ ۾ چا آهي؟" پر هتي ائين پڇيو وڃي ٿو: "مانيءَ ۾ چوهي!" اهي "مان" گهٽ "مون" گهڻو ڪتب آڻين. "مان سان" نہ پر "مون سين" ڪري ڳالهائين. هن پٽيءَ ۾ ڳالهائيندڙن جو سر گهڻو لئي وارو مليو.

هاڻي ائين ڇو ٿو ٿئي؟ ان سوال جو مون وٽ ٻيو ته خاطر خواهه جواب نه مليو، ها پر مان جيڪو سمجهي سگهيو آهيان ته جيئن چارلس ڊارون بقا لاءِ قدرتي نظام جي ڳالهه ڪئي آهي، ائين هتي ڪيرٽر واري سڄي پڪيڙ ۾ مردن جون ڇنڀيون ڏاڙهيون، ڊگهيون مڇيون جيڪي سنڌن وات به مٿان ڍڪيو ڇڏين، سنڌن نڪ ۽ ڪن سنهن وارن سان ڀريا پيا هوندا ته وري منهن ڍڪيل مايون جيڪي اڪيون وڏيون هوندي به گهٽ کولين.

اوهان جيوگرافيءَ آڏار ڏسو ته هتي زمين هموار نه پر هيٺانهين مٿانهين يعني ڏڙائين آهي، جنهن تي تيز هوا جا جهوٽا گهڻا ٿيندا آهن، جيڪي وري لامارا ڏيندي هيٺان ڪان مٿي پٽجي لڳن ٿا، انڪري هوا ۾ جابلو مٽيءَ جا سنها سنها ذرڙا ڀرجي وڃن ٿا، جيڪي ٿورڙو به تيز هوا لڳڻ سان پاڻ ۾ گاٽ ڪائي زوزاٽن وارا آواز پيدا ڪندا آهن.

انڪري ئي هن پٽيءَ جا ماڻهو ڍڪ ڏئي ۽ تيز سرن سان ڳالهائيندا آهن ته جيئن سنڌن ڳالهه سامهون ٻڌڻ واري کي چٽي طرح سمجهه ۾ اچي وڃي. ٻيو ته ڪوهستاني سنڌي الف وارو وڏو سر انڪري گهٽ اچارين ٿا، جو ائين ڪرڻ سان انهن کي پورو وات کولڻو پوي ٿو، جنهن سبب وارِي سنڌن وات ۾ پئجي سگهي ٿي. جيئن سنڌن ڪنن ۽ نڪن ۾ وار، واريءَ کي روڪڻ لاءِ قدرتي رڪاوٽ ٿيندا آهن، تيئن ڳالهائڻ مهل ڪوهستاني وڏا سر انڪري به نه اچاريندا آهن ته ڳالهائڻ مهل وات وڏو نه کولجي وڃي ۽ هوا ۾ شامل واري (رائو) وات ۾ نه اچي سگهي.

هن مثال سان سمجهي سگهجي ٿو ته لهجن جو نهڻ پڻ قدرتي ۽ بقا جو سبب ٿيندو آهي، جنهن مٿان برهمڻ يا شودر جو ٺپو هڻڻ ڪا فضيلت واري ڳالهه ناهي ٿيندي. هتي مون کي ڪافي سال اڳ خيرپور جي هڪ ادبي ميلي ۾ پڇيل سوال ياد پوي ٿو، جنهن ۾ پڇيو ويو هئو ته آخر ڪهڙو لهجو درست آهي؟ جنهن تي مان جوابيو هئو ته: جيئن ڪنهن ٻاڳيي کي چار پٽ هجن، جن مان هڪ قد جو ننڍو ته ٻيو ڊگهو هجي.

هڪ ٿورو گورو ته ٻيو وري سانورو هجي ته ڪين ڏسي جيڪڏهن اوهان ان ٻاڳيي کان پڇو ته تنهنجي پٽن مان ڪهڙو پٽ "درست پٽ" آهي ۽ ڪهڙو غلط، ته سوچيو ان ٻاڳيي مٿان ڇا گذرندي؟ هاڻي اوهان ان ٻاڳيي جي اک سان سان ڏسو ته ٻوليءَ جا لهجا به اولاد جيان ئي ته ٿيندا آهن، ڪي ننڍا ته ڪي وڏا؛ ۽ انهن لهجن جي ڪري ئي ته ٻولي آسودي ۽ ٻاڳواري سڏائيندي آهي.

contact@amarfayaz.com